# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 1975

# SINDH ACT NO.X OF 1975

# آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1975

# THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1975

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. ترميم

Amendment

3. سنڌ آبڪاري قانون 1978 (سنڌ ايڪٽ V مجريه 1978)

The Sindh Abkari Act, 1898

4. سنڌ نشي جي استعمال جي روڪٿام جو قانون 1940 (سنڌ قانون نمبر 4 سال 1910)
5. اولهه پاڪستان آفيم جي استعمال جي روڪٿام جو حڪم نامو 1960 (اولهه پاڪستان حڪم نامو نمبر 2 سال 1960) جيئن صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪري سگهجي.

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريہ 1975

# SINDH ACT NO.X OF 1975

# آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1975

# THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1975

[19 اپريل 1975]

سنڌ آبڪاري قانون 1978، سنڌ نشي جي استعمال جي روڪٿام جو قانون 1940 ۽ اولھہ پاڪستان آفيم جي استعمال جي روڪٿام حڪم نامو 1960 جي قانون ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اهو مناسب سمجهيو ويو سنڌ آبڪاري قانون 1978، سنڌ نشي جي استعمال جي روڪٿام جو قانون 1940 ۽ اولھہ پاڪستان آفيم جي استعمال جي روڪٿام حڪم نامو 1960 کي هن ريت وڌيڪ ترميم ڪيو وڃي.

جنهن ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هي ايڪٽ آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.

(2) هي هڪدم نافذ ٿيندو.

ترميم

Amendment

2. جدول جي ڪالم نمبر 2 ۾ ڄاڻايل قانون ترميم ڪيا وڃن ٿا، جيڪي ڪالم نمبر 3 جي طور طريقي موجب هوندا.

| جريان نمبر | قانون سازيءَ جو عنوان | ترميمون (Amendments) |
|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 |
| .1 | سنڌ آبڪاري قانون 1978 (سنڌ ايڪٽ V مجريه 1978) | .1 دفعه نمبر 43 ۾- <br><br> (الف) ذيلي دفعه 1 ۾ لفظن "3 سالن لاءِ يا ڏنڊ سان جيڪي پنجن هزارن تائين وڌائي سگهجن ٿا يا ٻئي" جي جڳهه تي لفظ "ست سالن يا ڏنڊ سان جيڪي هڪ لک تائين وڌائي سگهجن ٿا يا ٻئي" متبادل بڻايا ويندا. <br><br> (ب) ذيلي دفعه 2 ۾ لفظن "پنج سالن لاءِ ۽ ڏنڊ جيڪي ست هزارن تائين وڌائي سگهجن ٿا" جي جڳهه تي لفظ "ست سال ۽ ڏنڊ جيڪي هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهجن ٿا" متبادل بڻايا ويندا. <br><br> (ج) ذيلي دفعه 3 ۾ لفظن "پنج سالن ۽ ڏنڊ جيڪو ست هزار رپين تائين وڌائي سگهجن ٿا" جي جڳهه تي لفظ "ست سالن ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهجن ٿا" متبادل بڻايا ويندا. <br><br> .2 دفعه نمبر 46 ۾ لفظ ۽ ڪامائون "جيڪي ست هزار رپيا يا سزا سان جيڪا پنجن سالن تائين وڌائي سگهجن ٿا، يا ٻئي" لفظ ۽ ڪامائون "هڪ لک رپيا، يا سزا جيڪا ستن سالن تائين وڌائي سگهجن ٿا، يا ٻئي" متبادل بڻايا ويندا. <br><br> .3 دفعه نمبر 51 ۾ لفظ ۽ ڪامائون جيڪي "پنج هزار رپيا يا سزا جنهن جو عرصو ٽن سالن تائين وڌائي سگهجن ٿا، يا ٻئي" جي جڳهه تي لفظ ۽ ڪامائون |

| | | |
|---|---|---|
| | | "هڪ لک رپيا يا سزا سان، جنهن جو مدو ستن سالن تائين وڌائي سگهجن ٿا، يا ٻئي" متبادل بڻايا ويندا.<br><br>4. دفعہ نمبر 55_A ۾، حدبنديءَ واري دفعہ ۾ لفظن "پنج هزار رپيا" جي جڳهه تي لفظ "هڪ لک رپيا" متبادل بڻايا ويندا. |
| 2. | سنڌ نشي جي استعمال جي روڪٿام جو قانون 1940 (سنڌ قانون نمبر 4 سال 1910) | 1. دفعہ نمبر 3، 4 ۽ 5 ۾-<br><br>(الف) لفظ جيڪي "ٽي سال يا ڏنڊ سان جيڪي پنج هزار رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" جي جڳهه تي لفظ "ست سالن يا ڏنڊ سان جيڪي هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" متبادل بڻايا ويندا، ۽<br><br>(ب) لفظ جيڪي "پنج سالن يا ڏنڊ سان جيڪي ست هزار رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" جي جڳهه تي لفظ "ست سالن يا ڏنڊ سان جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" متبادل بڻايا ويندا.<br><br>2. دفعہ نمبر 23 ۾ ذيلي دفعہ نمبر 1 ۾، لفظ ۽ انگ "20000 رپيا" جي جڳهه تي لفظ "هڪ لک رپيا" متبادل بڻايا ويندا. |
| 3. | اولهہ پاڪستان آفيم جي استعمال جي روڪٿام جو حڪم نامو 1960 (اولهہ پاڪستان حڪم نامو نمبر 2 سال 1960) جيئن | 1. دفعہ نمبر 4 ۾، لفظ جيڪي "پنج سال يا ڏنڊ سان جيڪو ست هزار رپين تائين وڌائي سگهبو يا ٻئي" جي جڳهه تي لفظ "ست سال يا ڏنڊ سان جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهبو" متبادل بڻايا ويندا.<br>2. دفعہ نمبر 5 ۾، لفظ جيڪي "سادي يا سخت سزا جنهن جو |

| | | |
|---|---|---|
| | صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪري سگهجي. | مدو پنجن سالن تائين هوندو يا ڏنڊ سان جيڪو ست هزار رپيا يا ٻئي ٿيندو” جي جڳهه تي لفظ “سادي يا سخت سزا جنهن جو مدو ستن سالن تائين هوندو يا ڏنڊ جيڪو هڪ لک رپيا يا ٻئي” متبادل ٻڌايا ويندا.<br>3. دفعه نمبر 6 ۾ لفظ ۽ ڪامائون “پنج سال يا ڏنڊ جيڪو ست هزار رپين تائين وڌائي سگهبو يا ٻئي” جي جڳهه تي لفظ “ست سال يا ڏنڊ سان جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهبو يا ٻئي” متبادل ٻڌايا ويندا. |